1352ھ، مطابق 1934ع

# لواري جي
# حج جي حقيقت

مصنف

حضرت علامه مفتي ظهور الحسن درس
کراچي

Scanned by CamScanner

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله تبارڪ وتعالىٰ قرآن ڪريم ۾ فرمايو آهي
ته اِنَّمَا يَفْتَرِي الْكَذِبَ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ
بِاٰيَاتِ اللّٰهِ ۚ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْكَاذِبُوْنَ (سورة
نحل پاره ١٤- رڪوع ١٤)

ترجمه:- تحقيق اهيئي شخص ڪوڙا افتراء ڪن ٿا
(يعني برگزيده هستين تي ڪوڙيون تهمتون ۽
ڪوڙا الزام رکن ٿا) جيڪي الله تعالىٰ جي آيتن ۽
نشانين تي ايمان نٿا رکن. ۽ اهيئي پاڻ ڪوڙا آهن

حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ جن
ارشاد فرمايو آهي ته اَلْفِتْنَةُ نَائِمَةٌ لَعَنَ اللّٰهُ مَنْ
اَيْقَظَهَا (ڪنز العمال صـ٣١ ج ٢ رواه الرافعي عن انس رض)

ترجمه :- فتنو سمهيو پيو آهي جنهن شخص انهيءَ
کي جڳايو - ان کي الله تعاليٰ لعنت ڪري -

جناب پير صاحب لواريءَ (دامت فيوضهم)

وارن بنسبت گهڻي وقت کان مختلف ڳالهيون
ٻڌڻ ۾ پيئي آيون آهن - نعوذ بالله پير صاحب جن
پاڻ کي خود خدا ، رسول ، مهدي چوائيندا هئا -
۽ پاڻ تي درود شريف پڙهائيندا هئا - پاڻ کي
سجدا ڪرائيندا هئا - طواف ڪرائيندا هئا - ۽ فرمائيندا
هئا ته ڪعبة الله به مونجي جاءِ کي طواف ڪريٿو -
۽ ٻيا اهڙي قسم جا ڪيترائي وڏا ڏوهه ۽ ڇڙوا
ڪوڙ ان برگزيده هستيءَ تي هڻندا هئا -

گذريل سال ۾ لواريءَ جي حج بنسبت

عام ماڻهن کي جوش ۾ آڻڻ جهڙا عجيب مضمون

اخبارن ۾ شايع ٿيا. ۽ عوام الناس جي واتان

ٻڌو ويو. ته لواريءَ ۾ حج ٿئي ٿو. ۽ انهي

ماڻهن کان طواف ڪرايو وڃي ٿو. احرام ٻڌا ٿا

شيطان کي پٿريون هڻيون وييون. ماڻهن

پنهنجا مٿا ڪوڙايا. ۽ صفا مروه ۾ ڊوڙون

ڏيون وييون. ۽ هڪ چوديواريءَ اندر

پير صاحب ماڻهن کي وٺي وڃي پاڻ کي سجده

ڪرايائين. ۽ ڪاٺ جي جڙتل اُٺ تي خطيب

خطبو پڙهيو. ۽ درگاه شريف ڏانهن منهن

ڪري نماز پڙهائي وڃي. ۽ ٻيون

اهڙيون الله جاءِ ڪيتريون ڳالهيون ڪيون وييون

اهڙين شڪايتن ۽ تهمتن گهڻي زور ۽ شور سان مضمونن جي صورت ورتي اخبارن ۾ پڌريون ٿيون. عجب ورئي هئي ته تورنئي ڏينهن کان پوءِ خود انهن گلاڪندڙن ماڻهن پنهنجا مضمون شايع ڪيل واپس ورتا، ۽ انهن جي ترديد پنهنجن ئي اخبارن ۾ شايع ڪيائون.

انهن ڳالهين طبيعت کي پريشان ڪيو ۽ دل کي صدمو پهچايو. ته هڙي قديم ۽ مشهور درگاه تي اهڙا ڪم ڪهڙي طرح ٿيندا هوندا. لهنڪري هن سال انهن افواهن جي اصليت ۽ حقيقت کي معلوم

ڪرڻ لاءِ آءٌ پاڻ درگاه شريف لواري ڏانهه
ويس -
تاريخ ۸-۹-۱۰ ذوالحج سنه ۱۳۵۲ھ يعني
ٽي ڏينهن لڳولڳ اُتي رهيس - ۽ پوري غور
۽ خيال سان هر هڪ ڳالهه کي جانچيندو
رهيس - انهين موقعي تي ڪيترائي پير
صاحب طريقت جا ۽ گهڻائي سادات سڳورا
۽ علماءَ متبرڪ به موجود هئا - انهين کان
سواءِ سنڌ جا معزز جاگيردار ۽ مير ۽
زميندار به گهڻي تعداد ۾ آيل هئا - سنڌ
کان سواءِ ٻين ٻاهرين مُلڪن (مثلاً گجرات
۽ ڪاٺياواڙ ۽ ٻين شهرن) مان آيل

ماڻهون درگاهه شريف جي زيارت جي شرف
حاصل ڪرڻ لاءِ به اتي گهڻان ڏسڻ ۾ آيا ٿي.

مون پوري غور ۽ خيال ۽ تحقيق
سان مٿيني حالتن ۽ ڪمن جو مشاهدو ڪيو
ته مٿين ذڪر ڪيل الزامن مان ڪي ٿورا يا
گهڻا ڪجھ به ڏسڻ ۾ نه آيم. نه ڪو اتي
ڪعبو بنايل هو. نه مزار پاڪ ڏانهه منهن ڪري
نماز پڙهي ويٺي. نه ته ڪنهن ڪو احرام ٻڌو
نه ڪو اتي شيطان جوڙيل هو جنهن کي ڪنڪريون
هڻيون ويون. نه صفا مروه هو. نه ڪاٺ جو
جوڙيل اُٺ. نه ڪو پير صاحب سجاده
نشين (دامت فيوضهم) پاڻ کي سجدو ڪرايو.

حاصل ڪرا ۾ نه انهين مشاهدي کا پنهنجي جيرت مي ڪا انتهاء نه رهي. نه آخرهن هيڏي افتراء ڪرڻ ۽ بهتان رکڻ ۽ بناوتي ڪوشن ناهڪ مان مالهن کي ڇا تو حاصل ٿيو.

سچ آهي جيڪ مولانا جلال الدين رومي صاحب مثنوي شريف ۾ فرمايو آهي. ع

چون خدا خواهد که پرده کس درد ٭ ميلش اندر طعنه پاکان برد

ترجمه:- جڏهن الله تعالیٰ جل جلاله گهريدو آهي ته ڪنهن شخص جو پردو کلي. ته انجي طبع جو ميل ۽ لاڙو بزرگن مي گلا ڪرڻ ڏانهه ٿيندو آهي. يعني ان شخص کي اوليائن ۽ ڪاملن تي طعني ڪرڻ ۽ تهمتن لڳائڻ ۾ مشغول ڪندو آهي.

حقيقت الامر ڇا هئي؟ سا هن طرح آهي

ته ٩ تاريخ ذوالحج جي نماز ظهر جي هزارن مسلمانن

اسلامي طريقي ۾ سنة نبوي موجب جماعت سان

ادا ڪئي - حضرت پير صاحب جن به جماعت ۾

ساڌي طرح عام مسلمانن پاڻ سان صف

۾ شامل هوا -

١٠ تاريخ ۾ به عيد نماز مسنون طريق

موجب جماعت سان پڙهي ويئي

انهين وقت ۾ آءُ حضرت مرشد الڪاملين

سُلطانُ السّالڪين قطبُ العالمين شيخُ الڪُلِّ فِي الڪُلِّ

حضرت محمّد الزّمان قدّس اللّٰه تعالىٰ سرّهُ العزيز

جي درگاهه پاڪ ۾ ڪينڌائي پير احاضر ٿيس - اتي ڪيترن

الله تعاليٰ جي ياد ۾ ٻين گهڻن کي ڏٺم ته نقشبندي
طريقي موجب مُراقبن ۽ قلبي ذڪر ۾ مشغول
هئا. ٻين کي ڏٺم ته اهي قصيدن پڙهڻ ۾
لڳل هئا. انهن قصيدن ۾ ڇا هو؟ خدا تعاليٰ جي
ثنا، حضور اڪرم سَيِّدِنا وَمولانا سَيِّدِ الاَنبياءِ
رُوحِ الاَرواحِ نُورِ الاَنوارِ سَنَدِ الاَبرارِ حضرت
مُحمّد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَسَلَّمَ
جي مدح ۽ نعت ۽ حضرت سُلطانُ الاَولِيَاءِ
قَدَّسَ اللهُ سِرَّهٗ جي تعريف ۽ انهي مناقبن ۽
ڪرامتن جو بيان هو.

اهڙيءَ آرام واريءَ عبادت ۽ اهڙيءَ ذِڪر
فڪر کي ڏسي دل کي اطمينان ۽ روح کي راحت ۽

قلب کي فرحت پئي آئي - درگاه شريف ۾ الله ريا اُن
کان ٻاهر ڪهن به قسم جو شور ۽ غوغا ۽ ڍُول ڪونه هو
جهڙيءَ طرح ٻين درگاهن تي عام طرح ڏٺو ويو
آهي - نه ڍُول - هنگامو - شور - غوغا - باجا ۽ دُهل
وغيره مڪروه اعمال رواج ڏني ويا آهن - بلڪل
ڪين هئا -

آءُ پنهنجي حنفي مذهب وارن ڀائرن - رسُولَ
ڪريم صَلّيَ اللهُ عَلَيهِ وَسَلَّمَ جي غلامن ۽ اولياءِ الله
جي عاشقن کي خاص طرح ۽ ٻين مسلمانن کي عام
طرح ادب سان عرض ڪريان ٿو - ته پنهنجي ايماني
دولت کي اهڙن ايمان جي ڦورن کان محفوظ رکو -
۽ جيڪي اوليائن ڪاملن تي ڪوڙا الزام رکن ٿا

۽ بيهوده تهمتون لڳائي مسلمانن ۾ فتني ۽ فساد
کي اُڀارين ٿا - انهن کان پرهيز ۽ گوشو ڪريو.
جيڪي ماڻهون مَعَاذَ اللهِ ايهو ئي اعتقاد
رکن ٿا ته خدا تعالیٰ به ڪوڙ ڳالهائي سگهي ٿو - ۽
حضور سرڪار سردار دوجهان عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ
اَرۡوَاحُنَا فِدَاهُ جي علم غيب جو انڪار ڪن ٿا - ۽
رَسُوۡلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَسَلَّمَ جي شان ۾ گستاخيون
ڪن - ۽ انهن جي مراد شان نبويؐ جي گهٽائڻ جي هجي -
۽ اولياء الله جي گلا ڪرڻ کي شيرِ مادر (ماءُ جي ٿڃ)
وانگي جائز سمجهن - ۽ حضرت پير لواريءَ واري
جو بهانو ڪري وَهّابيت جي تبليغ ڪن - ايهي
ماڻهون کان ۽ به انهن جي ناپاڪ ۽ پليد ارادن ۾

ڪامياب ٿي نه سگهندا۔

اگر گيتي سراسر باد گيرد ٭ چراغ مقبلان هرگز نميرد

ترجمه:- جيڪڏهن سموري جهان جي هوا وٿي وڃي
ته به الله تعاليٰ جي برگزيدن ڪا ٻالهڻ جي ٿورهجو ڏيو ڪڏهن
به ڪين وسامندو۔

جيڪر ٻُڌ، دليائن سڳورن ۽ مشائخن
بزرگن جي عزّت ۽ مرتبي ۽ وقار کي انهيءَ دلين ۾
جاءِ ڏجي ها۔ پوءِ پيرلوارءِ واري جي بہ نسبت کو
تحقيق حق جو خيال رکن ها ۽ انهين معاملات ۽ عقائد ۾
امتياز جو ارادو ڪن ها ته بہ ڪا اعتبار جوڳي ڳالهه هئي۔
مگر آءٌ يقين سان چوان ٿو ته اهڙي طرح نا هي۔
هي ماڻهون ڪٽڪ ڏيکاري جو وڪڻندڙ مڙني

اوليائن ڪاملن ۽ بزرگن مشائخن جا دشمن

آهن - ۽ مسلمانن کي اولياءَ الله کان پري ڪرڻ گهرن ٿا.

پاڻ ته الله تعاليٰ جي پاڪ بندن جو شان ۽

عظمت نٿا چاهن - پر ٻين کي به گمراه ڪرڻ گهرن ٿا.

ڪم ڪسے زاہد الحق آگاہ شد ۽ جملہ عالم زیں سبب گمراہ شد

ترجمو:- ٿورا ماڻهون اوليائن ڪاملن جي حقيقت

کان واقف ٿيا - ۽ باقي ناواقفيت سبب غافل رهجي ويا.

ڪراچي جي مسلمانن کي خاص طرح ۽

سنڌ جي مسلمانن کي عام طرح وري ٻيهر

ادب سان عرض ڪريان ٿو - ته ذاتي تحقيقات ڪانسواءِ

ڪڏهن به ڪنهن شخص جي چوڻ ۽ ٻڌائڻ ۾ نه لڳن.

۽ حق جي راه کي بالڪل نه ڇڏين - اوليائن

ڪاملن جي مزارن ۽ درگاهن تي الله تعالیٰ جو نور
حاصل ٿيي ٿو۔ ۽ الله تعالیٰ جيون نوازشون ۽
نعمتون ۽ دين دنيا جيون برڪتون اولياء الله جي
طفيل ۽ وسيلي سان ملن ٿيون۔ قرآن مجيد جو
فرمان آهي ته وَابْتَغُوا اِلَيْهِ الْوَسِيْلَةَ (سورة مائده)
ترجمه:- وسيلو ڳوليو رب پاڪ ڏانهن سڀني ڪمن ۾۔

اَللّٰهُمَّ اهْدِهِمْ اِلَى الصِّرَاطِ الْمُسْتَقِيْمِ

ظهورالحسن (درس) عفا عنه مفتي ڪراچي سنڌ

---

ظهورالحسن الدرس (مفتي) ڪنٽونمنٽ روڊ ڪيمپ ڪراچي
ڇپائيندڙ - شباهه آفسيٽ ليٿو پريس بندر روڊ ڪراچي ۾ باهتمام
لالا گهنشامداس ۾ ننڍ ڇپوائي شائع ڪيو.

Scanned by CamScanner